## لازمي سوال

(الف) هيٺين سوالن جا مختصر جواب لکو:

(۱) لطف اللطيف ڪتاب ڪنهن لکيو هو؟

(۲) تزڪره لطفي ڪتاب ۾ ڪهڙي موضوع تي لکيو ويو آهي؟

(۳) جنب گذاريم جن مين ڪتاب جو مصنف ڪير آهي؟

(۴) همه اوست ڪتاب ڪهڙي صنف تي ليکل آهي؟

(۵) مارئي رسالي جو ايڊيٽر ڪير هو؟

(ب) هيٺين ڪتابن جو هڪ هڪ جملي ۾ تعارف ڪرايو:

(٦) ياد رفتگان.

(٧) سنڌيون.

(٨) پونر پري آڪاش.

(٩) پيلاين جا پول.

(۱۰) مهراڻ جون چوليون.

(ت) لوڪ ادب جي منظوم صنفن مان ڪن به پنجن صنفن جا نالا لکو.

(ث) سنڌي ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ ڪن به پنجن رسالن جا نالا لکو.

*********

1054

۴. سير ڪوهستان ڪتاب جو مصنف محمد اسماعيل عرساڻي هو.

۵. مصري شاه واڻين جو شاعر هو.

(ت) هيٺ ڏنل جملن ۾ ڇڏيل خال ڀريو.

۱. الله بخش عقيلي ءَ جو تخلص ...... هو.

۲. اُبوجهو تخلص، ...... جو هو.

۳. ميون شاو عنات رضوي ...... دور جو شاعر هو.

۴. سامي ءَ جو نالو...... ۽ سندس ذات ...... هئي.

۵. سنڌي سڀاجهڙا ڪتاب ...... لکيو هو.

(ج) هيٺين جملن ۾ خالي جايون ڀريو:

۱. اوڙاه ڪتاب ...... صنف جي باري ۾ لکيل آهي.

۲. سچل سرمست ...... سن ۾ ڄائو هو.

۳. مخدوم معين ٺٽوي ءَ جو اصل نالو ...... هو.

۴. نیچے سے کٹا ہوا ہے۔

# SINDHI PAPER 2010 PART 1.

Select the best option / answer and fill in the appropriate box on the answer sheet.

## A. Haith dinal jawaban maa durst jawab choonde likho.

1.Jadehn maa na hoondas……………………… jo majmoo'o aahe.
a.shairi b. ghazl c. afsaanan

2.Raghoon thiyoon rabab…………………ji shairi jo majmoo'o aahe.
a. Altaf abbasi b.Tanveer abbasi c. Najam abbasi
3. Dithoon……………….. adab ji sinf aahe.

a. jadeed b. lok c. yoonani

4. choudihein chand aakash…………………..ji shairi jo majmoo'o aahe.
a. Sehr Imdad b. Fehmida Hussain c. Imdad Hussain

5. Drame aie Novel mei fanni farq ………………………..
a. Aahe b. Konhe c.khabr nahe.

6. Uhe deinh uhe Sheehn jo lekhak …………………..aahe.
a. Pir Ali Muhammad rashidi b. Pir Hisaam u din rashid c. Mehtab rashidi

7.Ghazal sindhi adab mei …………………boli maa aayo.
a. Arabi b. Angrezee c. Farsi

8. Aouraah novel………………….jo takhleeq kayal aahe.
a. Ghulam nabi mughal b. Kazi Khadim c. Amar Jaleel

9. Angraizan je dour mei Sindhi ……………………. Ghanee taraqi kayee.
a. Nazam b. Nasar c. lok adab

10. Talpuran je dour khaa aag mei Sindh mei………………….. jo dour ho.
a. Arghoonan b. Turkhanan c. Kalhoran

## B. Sahih ya Ghalat jawab ji choond kayo.

1. Biloo Dada Jamal abro jo likhyal afsano aahe.
a. Sahih b. Ghalat

2. Dr. Ghulam ali alaana boli jo maahir aahe.
a. Sahih b. Ghalat

3. Mir Abdul Hussain sangi meeran je dour mei shairi kayee.
a. Sahih b. Ghalat

4. " Hum Auost" Agha Saleem jo likhyal novel aahe.
a. Sahih b. Ghalat

5." Chaar muqala" mei shairi jee sinfan te muqala likhya waya aahin.
a. Sahih b. Ghalat

6. Dour nasri sinf aahe.
a. Sahih b. Ghalat

7. Abdul karim ghadai awami shair ho.
a. Sahih b. Ghalat

8. Misri Shah khe kafi jo badshah kothio wanje tho.
a. Sahih b. Ghalat

9. Shams-u-din Bulbul sabh kha pehrein tanz aie mazah khe sindhi shairi mei aando.

a. Sahih b. Ghalat

10. Mirza Qaleech Baig 1929 mei guzaare wayo.
a. Sahih b. Ghalat

## Part-II

**NOTE: attempt only foyr questions from part-ii in all including question no.7 which is compulsory.all que carry equal marks.**

Q.1.sindhi boli jay mahren boli jay bun bunyad babat mukhtlaf nazrya pesh kaya ahim.dr.nabi baksh baloch aen dr.g.a.allana jay nazrayen mein kehro fark ahey?kholey samjhayo.

Q.2.sindhi lok adab khay saherarn mein dr.nabi baksh baloch kehro qardar ada kayo ahey?peraeto note likho.

Q.3.DR.GURBAKSHANI "uqdama-e-Lateefi "Lakhi shah lateef khay samjhan mein wadi saholat peda keay ahe?mathean rae tay tabsro kayo?

Q.4.MIRZA QALEECH BAIG joon mutrajim je haysiat mein kehryon khidmaton ahin?vichor baya kay?

Q.5.Ustab bukhari je shaeri je khobayan aen sandas awami shaeri jo tanqedi jaezo pesh kayo?

Q.6.Altaf sheikh safarnaman je dunya mein wado naol kamayo ahe.sandas kin b bin safarnaman tay pehjee rae likho?

Q.7.TRANSLATION
A.SINDHI TO ENGLISH
B.ENGLISH TO SINDHI

## CSS Sindhi Paper 2011

NOTE: attempt only four questions from part-ii in all including question no.7 which is compulsory.all que carry equal marks.

part 1

Q.1. SELECT THE BEST OPTION/ANSWER AND FILL IN THE APPROPRIATE BOX ON THE ANSWER SHEET.

1. sindhi boli ji moujuda mayari sooratkhati ………..ji hukumati daur mein raij thi.
i.araban ii. Angraizan iii. Kalhoran

2. kitab 'sindhi boli'………jo likhyal aahay.
i.dr Nabi bakhsh balouch ii.mohammad Ibrahim joyo iii.siraj.

3. Sindhi boli jo abhiyas'……..jo likhyal aahay.
i. dr.ghulam ali Alana ii.bheru mal mahr chand advani iii.dr Muhammad qasim bughiyo

4.Quran majeed jo pehriyon tarjimo……..boli mein shaya thiyo.
i.Hindi ii. Sindhi iii. anagraizi

5.Sindhi boli ain adab ji tarikh'……..ji likhyal aahe.
i.dr.Nabi bakhsh balouch ii.dr abdul jabar junejo iii.dr haider sindhi

6. Pakistan ji boliyan mein Punjabi,seraiki,pushto,balouchi ain sindhi maan marni khan wadheek ilmi ain adabi mawad ………boli mein chapyal aahe.
i. sindhi ii.punjabi iii.balouchi

7.Sindhi boli jo ban buniyad'kitab……..jo likhyal aahe.
i.dr.ghulam ali Alana ii.prof.ali nawaz jatoi iii.jairam das doulat ram

8.sindhi boli jai mukhtalif muhawaran/lihjan (dialects)maan ……mayari toar akhtyar kayal aahe.

i.sareeli ii.laari iii.wichouli

9.sindhi boli:lisaniyat khan samaji lisaniyat tayeen'kitab ………jo likhyal aahe.
i.dr.allahdad bohiyo ii.dr.qasim bughyo iii.dr.abdul karim sandailo

10. sindhi boli ji tarki ain tarweej lai………qaim kayal aahe.
i.institute of sindhialogy ii.sindhi language authority iii.sindhi adabi board

11. mamooyan ja bait'sindh mein……..ji hukmrani jai dour mein sarjya.
i.soomran ii.kalhoran iii.saman

12. shah latif panhji shairi mein noori ain jam tamachi'jo zikr…….mein kayo aahe.
i. Sur kaamoad ii. Sur kaliyan iii. Sur khanbhat

13.sindhi boli jai ihm shair……..jee aksar shairi jai kitaban ja unwan shah latif jee shairi maan khanyal aahin.
i. tanvir abbasi ii. Shah lutfullah qadri iii.sheikh ayaz.

14. aftab adab'kitab……….jo likhyal aahe.
i. maulana din Muhammad wafai ii. Hakim faith Muhammad sewhani
iii. mirza kaleech baig

15.sindhi loak adab tay sabh khan wadheek kam……..jo kayal aahe.

i. dr.abdul karim sandailo ii.dr.nabi bakhsh iii. Allah bakhsh nizamani

16.mirza kaleech baig jo mashahoor novel Zeenat……..ain……..mein tarjimo the chuko aahe.
i.urdu ain Punjabi ii.urdu ain angraizi iii.punjabi ain pushto

17.chotihon dar'……..jo majmo'a aahe.
i. kahanian ii. Mazmoonan iii. Mukalan

18. Adab ja fikri muharik'kitab……..jo likhyal aahe.
i. rasool bakhsh palijo ii.dr.allahdad bohiyo iii.dr.fehmida hussain

19. kitab Soan warniyoon dilyoon…………jo tarjmo kayal aahe.
i. lal chand amr dino ii.mirza kaleech baig iii.dr.sulaiman shaikh

20.Kapar tho kan kare'………ji shairi jo kitab aahe.
i. ustad bukhari ii. Imdad husaini iii. Shaikh ayaz.

Part-II

1) Sindhi boli jo shumar duniya ji qadeem tareen boli main the tho.sindhi boli tay thiyal kam ji roshini main tafseel saan behis kayo.

2) Sindhi boli jai asal nasal babat mukhtalif mahiran jai nazriyan tay behis kare panhgi rai jo izhar kayo.

3) Pakistan main galhaigandar mukhtalif bolian babat buniyadi jaan dayee sindhi boli ji ihmiat babat tafsilee waichar paish kayo.

4) Mukhtalif aaliman ji likhiyal sindhi adabi tareekh babat buniyadi jaan dai panhangi pasand ji adabi tarikh tay tafsil saan likho.

5) Shah abdul latif ji shairi sindhi samaj ji akasi aahay.misalan saan samjhayo.

6) Kin bin aalaman ji ilmi ain adabi khidmatan tay tafsil saan behis kayo.
I. Mirza kaleech baig
II. dr.Nabi bakhsh balouch
III. Shaikh Ayaz

7) Translation

# Sindhi Paper 2012

Part 1:

1. Kitab "Mar'an Moon seen aa". ………………….jo likhial aa. Siraj

2. Kitab "Sindhu ji saanjhah" ........ je bare men likhial aa. Tareekh

3. Kitab "Sindhi Ghazal ji Osar" ....... jo likhial aa. Ayaz Qadri

4. Novel "Saanghar"...... jo likhial aa. Mohd Usman Diplai

5. Kitab "Aaliman jo Aaftab"......... jo likhial aa. Ghulam Mustafa Qasmi

6. Kitab "Kithy ta bhanjbo Thak musafir"......... Aahe. Aatam Kahani

7. "Risala-e-Sarmast" ...... muratab karayo. Usman Ali Ansari

8. Kitab "Sindh ja Kot aeen Qila"kenh jo likhial aahe. Ishtiaq Ansari

9. Kitab....... Ghulam Ali Allana jo likhial aahe. Ilm-ul-lisaan sindhi zuban

10. Kitab "Pegham-e-Latif" ...... jo likial aahe. G.M syed

11. Kitab "Saao pano ya Karo Pano"...... jo likhial aa. Mirza Qaleech

12. Kitab .......... Perma nand Mewa Raam jo likhial aa. Gul Phul

13. Kitab "Shah Jon Soormyon "...... jo likhial aa. Narayen Das Bhambhani

14. Kitab .......... Khaleeq Morai jo likhial aa. Sundari

15. Kitab "Gaalhyoon Muhinje Goath Jon"...... jo likhial aa. Pir Hasam Din Shah Rashdi

16. Kitab "Jamia Sindhi Lughaat "...... likhial aa. Dr. Nabi Bux Baloch

17. Misri Shah .......... main mash'hor ho. Kaafi

18. Kitab "Choteehon Dar"............. jo likhial aa. Naseem Kharal

19. Kitab "Gaye Payo Jagaye Payo"........ jo likhial aa. Ustad Bukhari

20. **Shah sain jo Shair ho jeko changee reet yaad nahy un lai mazrat....**

**Part 2:**

Q no 2:
Dr abdul kareem Sandeele je lok adab mein kayal khudmatn jo tafseeli jaizo watho ??

Q no 3:
Kin mohakkan to rayo aahay ta sindhi boli yarheen sadi 11, khaan shuru thi hoi, hin silsalay mien pehnja raya tafseel saan likho

Q no 4:
Jadeed daor mein sindhi adab te kehra nawaan nazarya asar andaz ahin, misaaln zariye pehnji raye pesh karyo

Q no 5:
Adab mein tarjme ji ahmiyat bayan kanday, sindhi adab mein beiyan boliyan taan tarjmo kayal kitaban je baray mein jaan diyo

Q no 6:
Samaaj cha khe tho chaije. sindhi adab mein sindhi samaaj ji akasi kehri reet kayal ahay. misalan zariye roshni wijho

Q no 7:
shah latif je kalaam khe kehran danishwaran saheriyo ahay. inhan danishwaran je kayal kam jo tafseeli jaizo watho

Q no 8:
Translation.